# حضرت نبي پاڪ ﷺ جو دستور حيات

پروفيسر ڊاڪٽر محمد ادريس "آزاد"۞

سڪندر اعظم، نپولين ۽ هٽلر جي زندگي صرف سپه سالاريءَ تائين محدود رهي، گوتم ٻڌ جي زندگي رياضت ۽ عبادت تي ئي مشتمل رهي، هومر شاعر ۽ قصہ گو نظر آيو، افلاطون ۽ ارسطو صرف حڪيم ۽ فلسفيءَ جي حيثيت سان اُڀريا مگر پاڻ سڳورن ﷺ جن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هر حوالي سان ڪامل، اڪمل ۽ مڪمل نمونو پيش ڪيو. جيئن قرآن مجيد ۾ ارشاد رباني آهي ته:

**لقد كان لكم في رسول الله اسوة حسنة(١)**

ترجمو هن طرح آهي ته: تحقيق توهان جي لاءِ حضرت رسول الله جي هستيءَ ۾ بهترين نمونو آهي. مذڪوره آيت جي حوالي سان مڃڻو پوندو ته سموري ڪائنات ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي هستيءَ مبارڪ کان مٿي ڪوبہ شخص ڪونهي ۽ نہ وري ان منزل، مقام ۽ منصب تي ڪو ٻيو شخص پهچي سگهي ٿو.

فرانس جو ناميارو اديب "ليمرٽين" لکي ٿو ته: (٢)

"تمام وڏو مفڪر، بلند پائي جو خطيب پيغمبر ﷺ قانون ساز، سپه سالار، تصور ۽ مقصدن جو فاتح، صحيح نظرئي حيات جي عليٰ وجہ البصيرة قائم ڪرڻ جو ذميدار، ان نظام جو باني جنهن ۾ باطل خدا ذهنن ۾ بہ جاءِ والاري نہ سگهن. دنياوي حڪومتن ۽ ان کان مٿي هڪ آسماني بادشاهي جو باني هي

۞ گورنمنٽ ڊگري ڪالج لاڙڪانه

آهي محمد ﷺ“

انسان جي پياري نبي ﷺ جيڪو نمونو پيش ڪيو، دين اسلام جي صورت ۾ جيڪو دستور ڏنو، ان دين جي دستور ماڻهن جي دلين ۾ خود بخود جڳهه پيدا ڪئي، انساني تهذيب ۾ سڌارو ۽ اخلاق ۾ واڌارو آندو. يورپ، ايشيا، آمريڪا ۽ آفريڪا ۾ ته غير مسلم حڪومتن هئڻ جي باوجود به ڪروڙن ماڻهن دين اسلام جي تعليم و تربيت، تبليغ ۽ دستور حيات کي خوشنودي، خوش بختي سمجهي قبول ڪيو. ان سلسلي ۾ ”سر فلپ گبز“ پنهنجي ڪتاب ”ڪلوري آن محمد“ ۾ لکي ٿو ته: (۳)

”اسلام جيئن ته محمد ﷺ جو دين سڏجي ٿو. ان انساني تهذيب ۽ اخلاق جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ انهن مڙني مذهبن کان وڌيڪ ڪم ڪيو آهي، جيڪي انسان جي پيدائش کان وٺي اڄ تائين ان جي روح کي نئين ولولي عطا ڪرڻ جو سبب ٿيا آهن.“

حڪومت جي ايوانن کان وٺندي مسجدن ۽ مڪتبن تائين، انفرادي زندگي کان وٺندي اجتماعي زندگي تائين مثلاً سياست، مشاورت، معيشت، معاشرت، ڪفالت ۾ معاونت، اجرت ۾ سبقت، امانت، ديانت، صداقت، عدالت، سخاوت، شجاعت، اخوت و محبت مطلب ته زندگيءَ جي هر معاملات ۾ سوچڻو ۽ يقين سان مڃڻو پوندو ته پاڻ سڳورن ﷺ جي آمد کان اڳ ۾ قومن جو حال ڇا هئو؟ ۽ آمد رسول کان بعد ڇا انقلاب آيو؟ يعني بهترين انقلاب آيو ڇو ته پاڻ ڪريمن ﷺ جن بهترين نظام ڏنو مڪمل ۽ مستند دستور ڏنو ۽ اهڙي بهترين دستور حيات سبب ئي جيڪڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي مدحت ۽ ساراهه نه ڪبي ته پوءِ اها ناانصافي ٿيندي. اٺويهين صديءَ جو مشهور يورپي تاريخدان ”مسٽر جان ڊيون پورٽ“ پنهنجي ڪتاب ”اين اپالاجي فار محمدؐ اينڊ دي قرآن“ ۾ رقمطراز

آهي ته: (۴)

”جيڪڏهن اسان هن ڳالهه جو خيال ڪريون ته عرب محمدﷺ جي مبعوث ٿيڻ کان اڳ ۾ ڇا هئا؟ ۽ ان کان پوءِ ڇا ٿي ويا؟ ۽ اسان هن ڳالهه جو به خيال ڪريون ته هن (ﷺ) جي تعليم سورهن ڪروڙ انسانن جي دلين ۾ ڪهڙو جوش پيدا ڪيو ۽ قائم رکيو ته پوءِ ان صورت ۾ اهڙي عظيم الشان شخصيتﷺ جي تعريف نه ڪرڻ تمام وڏي نا انصافي ٿيندي“

اسان جي پياري نبي پاڪﷺ انسان ذات کي هڪ خدا، هڪ رسول ۽ هڪ ڪلمه طيبه جي روشنيءَ ۾ هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري مثالي موٰاخات جو رشتو قائم ڪيو. هجرت جي موقعي تي سندن خطبو مبارڪ اهڙي جهلڪ پيش ڪري ٿو، جنهن جو مفهوم سنڌ جي صوفي بزرگ شاعر سيد عبداللطيف ڀٽائي رحمه جي رسالي منجهان هيٺ ڏنل بيت ۾ بخوبي نظر اچي ٿو: (۵)

وڪڙ ڪيو وتن پرت نه ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيڙن ماڙ هنئان ميٺ گهڻو.

ڪائنات جي تخليق کان ڪيئي هزار سال اڳ ”ڪنت نبيًا و آدم بين الماء والطين“ جي منصب کي ماڻيندڙ محبوب خدا حضرت محمد مصطفيﷺ ولادت باسعادت جو مرحلو طئي ڪنديَ اپريل **571**ع دوران حضرت سيده آمنت سائڻ رضه جي جهوليءَ مبارڪ ۾ جلوي افروز ٿيو. **583**ع دوران سندن شام ملڪ ڏانهن ٻهريون تجارتي سفر ٿيو. **621**ع دوران بيعت عقبه اوليٰ ۽ **622**ع دوران بيعت عقبه ثانيه ٿي. **622**ع دوران ئي مڪي کان غار ثور ۽ بعد ۾ مديني منوره ڏانهن هجرت ڪري پهتا. مدينه منوره ۾ قيام دوران يهودين سان معاهدو ڪيائون جيڪو ميثاقِ مدينه جي نالي سان مشهور آهي، هجرت جي ٻهرئين سال

پاڻ سڳورن ﷺ جن دستور حيات لکيو. اهو دستور عالمي دنيا جي انسان ذات لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو. 630ع يعني هجرت جي اٺين سال مڪو پاڪ فتح ڪيائون ۽ 632ع دوران يعني هجرت جي ڏهين سال حــجة الــوداع (آخري حج) جي موقعي تي تاريخي خطبو ڏنائون ۽ ان ئي موقعي تي تڪميل دين متعلق "**اليوم اكملت لكم دينكم و اتممت عليكم نعمتي و رضيت لكم الاسلام دينا**" اها آيت سڳوري نازل ٿي. (٦)

اختصار ڪان ڪم وٺندي هتي سنڌن ڏنل دستور حيات جي متن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏجي ٿو: (٧)

## دستور حيات جو متن

أ

گهڻو رحم ڪندڙ، سراپا رحم خدا جي نالي سان.

١ــ هي حڪم نامو آ نبي ۽ الله جي رسول محمدﷺ جو قريش ۽ اهل يثرب منجهان ايمان آڻيندڙن ۽ انهن ماڻهن جي درميان جيڪي انهن جي تابع ٿين ۽ انهن سان شامل ٿي وڃن ۽ انهن سان گڏ جنگ ۾ حصو وٺن.

٢ــ سمورن ماڻهن جي بالمقابل انهن جي هڪ الڳ سياسي وحدت (امت) هوندي.

٣ــ قريش ڪان هجرت ڪري ايندڙ پنهنجي محلي تي (ذمہ دار) هوندا ۽ پنهنجو خون بها هڪ ٻئي سان گڏجي ڏيندا رهندا ۽ پاڻ وٽ قيد ۾ رکندڙن جو خود پاڻ فديو ڏئي ڇڏائيندا. تاڪ ايمان وارن جو باهمي برتاءُ نيڪي ۽ انصاف جو هجي.

٤ــ ۽ بني عوف پنهنجي محلي تي (ذمہ دار) هوندا ۽ حسب سابق پنهنجو خون بها باهم ملي ڪري ڏيندا ۽ هر گروهہ پاڻ وٽ قيديءَ کي پاڻ فديو ڏئي ڇڏائيندو تاڪ ايمان وارن جو باهمي برتاءُ نيڪي ۽ انصاف جو هجي.

٥ــ ۽ بني حارث بن خزرج پنهنجي محلي تي (ذمہ دار) هوندا ۽ حسب سابق

پنهنجو خون بها باهمي ملي ڪري ڏيندا رهندا ۽ هر گروهه پاڻ وٽ قيديءَ جو خود فديو ڏئي ڇڏائيندو تاڪ ايمان وارن جو باهمي برتاء نيڪي ۽ انصاف جو هجي.

٦ـ ۽ بني ساعده پنهنجي محلي تي (ذمه دار) هوندا ۽ حسب سابق پنهنجو خون بها باهم ملي ڏيندا رهندا ۽ هر گروهه پاڻ وٽ قيديءَ جو خود پاڻ فديو ڏئي ڇڏائيندو تاڪ ايمان وارن جو باهمي برتاء نيڪيءَ ۽ انصاف سان رهي.

٧ـ ۽ بني عمرو بن عوف پنهنجي محلي تي (ذمه دار) هوندا ۽ حسب سابق پنهنجو خون بها هڪ ٻئي سان ملي ڏيندا رهندا ۽ هر گروهه پاڻ وٽ قيديءَ جو پاڻ فديو ڏئي ڇڏائيندو تاڪ ايمان وارن جو هڪ ٻئي سان برتاء نيڪيءَ ۽ انصاف جو هجي.

٨ـ ۽ بني النّبيت پنهنجي محلي تي (ذمه دار) هوندا ۽ حسب سابق پنهنجو خون بها هڪ ٻئي سان ملي ڪري ڏيندا ۽ هر گروهه پاڻ وٽ قيديءَ جو پاڻ فديو ڏئي ڇڏائيندو تاڪ ايمان وارن جو هڪ ٻئي سان برتاء نيڪي ۽ انصاف جو هجي.

٩ـ ۽ بني الائوس پنهنجي محلي تي (ذمه دار) هوندا ۽ حسب سابق پنهنجو خون بها هڪ ٻئي سان ملي ڪري ڏيندا رهندا ۽ هر گروهه پاڻ وٽ قيديءَ جو پاڻ فديو ڏئي ڇڏائيندو تاڪ ايمان وارن جو هڪ ٻئي سان برتاء نيڪي ۽ انصاف جو هجي.

١٠ـ (الف) ۽ ايمان وارا ڪنهن به مقروض کي مدد ڪرڻ کان سواءِ نه ڇڏيندا تاڪ ايمان وارن جو هڪ ٻئي سان برتاء نيڪي ۽ انصاف جو هجي.

(ب) ۽ هي ته ڪوبه مومن ڪنهن ٻئي مومن جو مولا (معاهدائي ياء) سان خود معاهدهٔ برادري پيدا نه ڪندو.

١١ـ ۽ متقي ايمان وارن جا هٿ هر انهيءَ ماڻهوءَ خلاف اُٿندا جيڪو انهن ۾ سرڪشي ڪري يا استحصال بالجبر ڪرڻ چاهي يا گناهه يا تعدي جو ارتڪاب ڪري (حد اورانگهي) يا ايمان وارن ۾ فساد کي وڌائڻ گهُري ۽ انهن جا هٿ

سيني ملي ڪري اهڙي ماٺهوءَ خلاف اٿندا. توڙي جو انهن منجهان اهو شخص ڪنهن جو پٽ ڪٿي ڇو نه هجي.

١٢_ ۽ ڪوئي ايمان وارو ڪنهن ٻه ايمان واري کي ڪنهن ٻه ڪافر جي بدلي قتل نه ڪندو ۽ نه ڪنهن ٻه ڪافر جي ڪنهن ايمان واري خلاف مدد ڪندو.

١٣_ ۽ خدا وند جو ذمه هڪ ئي آهي انهن (مسلمانن ۾) جو ادنيٰ ترين فرد ٻه ڪنهن کي پناهه ڏئي ڪري سڀن تي پابندي عائد ڪري سگهندو ۽ ايمان وارا باهمي پائر آهن (سموري دنيا) جي ماڻهن جي مقابلي ۾.

١٤_ ۽ هي ته يهودين مان جو اسان جي تابعداري ڪندو ته ان کي مساوات ۽ مدد حاصل ٿيندي، نه ان تي ظلم ڪيو ويندو ۽ نه ان جي خلاف ڪنهن جي مدد ڪئي ويندي.

١٥_ ۽ ايمان وارن جو صلح هڪ هوندو. الله جي راهه ۾ لڙائي تي ته ڪوئي ايمان وارو ڪنهن ٻئي ايمان واري کي ڇڏي (دشمن سان) صلح نه ڪندو جيستائين (هي صلح) انهن سڀن لاءِ برابر ۽ هڪ جهڙو نه هجي.

١٦_ ۽ انهن سمورن ٽولين کي جيڪي اسان سان گڏ جنگ ڪن باهم نوبت ٻه نوبت رخصت ڏياري ويندي.

١٧_ ۽ ايمان وارا باهم ان شي جو انتقام وٺندا جيڪي خدا جي راهه ۾ انهن جي خون کي ٻهتا.

١٨_ (الف) ۽ بيشڪ متقي ايمان وارا سڀن کان پلا ۽ سڀ کان سڌي رستي تي آهن.

(ب) ۽ هي ته ڪوبه مشرڪ (غير مسلم رعيت) قريش جي جان ۽ مال کي ڪابه پناهه نه ڏيندو ۽ نه ان سلسلي ۾ ڪنهن مومن جي آڙ وٺندو.

١٩_ ۽ جيڪو شخص ڪنهن مومن کي ڄاڻي واڻي قتل ڪندو ۽ ثبوت پيش ٿيو ته ان کان قصاص ورتو ويندو بجز ان جي ته مقتول جو ولي (وارث) خون بها

تي راضي رهي ۽ سمورا ايمان وارا ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ اُٿندا ۽ ان ڪان سواءِ انهن کي ٻي ڪابه شي جائز نه هوندي.

۲۰- ۽ ڪنهن به ايمان واري لاءِ جيڪو ان دستور العمل (صحيفه) جي مندرجات (جي تعميل) جو اقرار ڪري چڪو آهي ۽ خدا ۽ قيامت ڏينهن تي ايمان آڻي چڪو آهي ته اها ڳالهه جائز نه هوندي جو ڪنهن به قاتل کي مدد يا پناهه ڏئي ۽ جيڪو ان کي مدد يا پناهه ڏيندو ته قيامت جي ڏينهن ان تي خدا جي لعنت ۽ غضب نازل ٿيندو ۽ ان ڪان ڪائي رقم يا معاوضو قبول نه هوندو.

۲۱- ۽ هي ته جڏهن به توهان ۾ ڪنهن به شي متعلق ڪو اختلاف ٿي پوي ته ان کي خدا ۽ محمدﷺ ڏانهن رجوع ڪيو ويندو.

۲۲- ۽ يهودي ان وقت تائين مومنن سان گڏ اخراجات برداشت ڪندا رهندا جيستائين هو ملي ڪري جنگ ڪندا رهندا.

۲۳- ۽ بني عوف جا يهودي مومنن سان گڏ هڪ سياسي وحدت (يا امت) تسليم ڪيا وڃن ٿا. يهودين کي انهن جو دين ۽ مسلمانن کي انهن جو دين. موالي هجن ته اصل. ها جيڪو ظلم يا عهد شڪني جو ارتڪاب ڪري ته ان جي ذات يا گهراڻي ڪان سواءِ ڪوبه مصيبت ۾ نه پوندو.

۲۴- ۽ بني نجار جي يهودين کي به اهو ئي حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي هوندو.

۲۵- ۽ بني حارث جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي هوندو.

۲٦- ۽ بني ساعده جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي حاصل هوندو.

۲۷- ۽ بني جشم جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي حاصل هوندو.

٢٨- ۽ بني الاوس جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي حاصل هوندو.

٢٩- ۽ بني ثعلبه جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي حاصل هوندو. ها جيڪو ظلم يا عهد شڪني ڪندو ته خود ان جي ذات يا گهراڻي کان سواءِ ٻيو ڪوبه ان مصيبت ۾ نه پوندو.

٣٠- ۽ جفنه کي به جيڪو قبيلهٔ ثعلبه جي شاخ آهي. اهي ئي حق حاصل هوندا جيڪي اصل کي هوندا.

٣١- ۽ بني شطيبه کي به اهي حق حاصل هوندا جيڪي حق بني عوف جي يهودين کي. ۽ وفاشعاري هجي نه ڪي عهد شڪني.

٣٢- ۽ ثعلبه جي موالي کي به اهي حق حاصل هوندا جيڪي اصل کي.

٣٣- ۽ يهودين جي (قبيلن) ذيلي شاخن کي به اهي حق حاصل هوندا جيڪي اصل کي.

٣٤- (الف) ۽ اهو ته انهن منجهان محمدؐ جي اجازت کان سواءِ ڪوبه (فوجي ڪاروائي) لاءِ نه نڪرندو.

(ب) ۽ ڪنهن به مار، زخم جي بدلي ۾ ڪابه رڪاوٽ نه وڌي ويندي ۽ جيڪو خونريزي ڪندو ته ان جي ذات ۽ ان جو گهراڻو ذمه دار هوندو ورنه ته اهو ظلم هوندو. ۽ خدا ان سان گڏ آهي جيڪو هن (دستور العمل) جي زياده کان زياده وفاشعارانه تعميل ڪندو.

٣٥- (الف) ۽ يهودين تي ان جي خرچ جو بار هوندو ۽ مسلمانن تي انهن جي خرچ جو بار هوندو.

(ب) ۽ جيڪو هن دستور العمل وارن سان جنگ ڪندو ته انهن (يهودين ۽ مسلمانن) ۾ باهم امداد عمل ۾ ايندي. ۽ انهن ۾ باهم حسنِ مشوره ۽ ڀلائي (خير خواهي) هوندي ۽ وفاشعاري هوندي نه عهد شڪني.

٣٦- ۽ يثرب جو پيٽ (ميدان پهاڙين وارو) ان دستور وارن لاءِ هڪ حرم ۽ مقدس مقام هوندو.

٣٧- پناهه وٺندڙن سان اهو ئي سلوڪ هوندو جيڪو سلوڪ اصل (پناهه ڏيندڙن) سان هوندو. نه انهن کي نقصان پهچايو ويندو نه عهده شڪني ڪئي ويندي.

٣٨- ۽ ڪنهن به پناهه گاهه ۾ اتان وارن جي اجازت کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پناهه نه ڏني ويندي (يعني پناهه حاصل ڪندڙن کي اهو حق نه هوندو جو هو ڪنهن کي پنهنجي مرضيءَ تي پناهه ڏين).

٣٩- ۽ هي ته هن دستور وارن ۾ جيڪڏهن ڪو قتل يا جهڳڙو رونما ٿي پوي جنهن سان ڪنهن فساد جو ڊپ هجي ته ان کي خدا ۽ خدا جي رسول محمد ﷺ (جنهن تي خدا جو توجهه ۽ سلامتي آهي) ڏانهن رجوع ڪيو ويندو ۽ خدا ان شخص سان گڏ آهي جيڪو هن دستور جي مندرجات جي زياده احتياط ۽ زياده کان زياده وفاشعاري سان گڏ تعميل ۾ پيش پيش رهندو.

٤٠- ۽ قريش کي ڪا به پناهه نه ڏني ويندي ۽ انهن کي جيڪي انهن جي مدد ڪن.

٤١- ۽ انهن (يهودين ۽ مسلمانن) ۾ باهم مدد اها هوندي، جيڪڏهن ڪو يثرب تي حملو آور ٿئي.

٤٢- (الف) ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن صلح لاءِ مدعو ڪيو وڃي ته اهي به صلح ڪندا ۽ ان ۾ شريڪ ٿيندا ۽ جيڪڏهن اهي ڪنهن اهڙي امر لاءِ سڏين ته مومنن تي اهو فرض عائد ٿيندو ته انهن سان اهڙو رويو اختيار ڪن، سواءِ ان جي جو ڪو ديني جنگ ڪري.

(ب) هر گروهه جي حصي ۾ ان رخ جي (مدافعت) ايندي جيڪو ان جي بالمقابل هوندو.

۴۳۔ ۽ (قبيله) الاوس جي يهودين کي موالي هجن يا اصل اهي ئي حق حاصل هوندا جيڪي حق هن دستور وارن کي. ۽ اهي به هن دستور وارن سان خالص ۽ وفاشعاري جو سلوڪ قائم رکندا ۽ وفاشعاري هوندي نه عهد شڪني. جيڪو جهڙي ڪندو ته اهڙي ئي ڀوڳيندو ۽ خدا ان سان گڏ آهي جيڪو ان دستور جي مندرجات جي زياده کان زياده صداقت ۽ زياده کان زياده وفاشعاري رکي تعميل ڪندو.

۴۴۔ ۽ هي حڪمنامو ڪنهن به ظالم يا عهد شڪن جي آڙ ۾ نه ايندو ۽ جيڪو جنگ لاءِ نڪرندو ته به امن جو مستحق رهندو ورنه ته ظلم ۽ عهد شڪني ٿيندي ۽ خدا به ان جو نگهبان آهي جيڪو وفاشعاري ۽ احتياط (سان تعميل عهد) ڪندو ۽ الله حه رسول محمدؐ به جنهن تي خدا جي نگاهه ۽ سلامتي آهي.

پاڻ ڪريمن ﷺ جي ڏنل دستور حيات متعلق مسٽر فيتل "لائف آف هولي محمدؐ" ۾ لکي ٿو ته: (۸)

> "محمد ﷺ هڪ اهڙو بهترين ۽ سياسي قانون دنيا جي سامهون پيش ڪيو جيڪو صدين کان وٺي مختلف قومن ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ ماڻهن جي دلين تي حڪومت ڪندو آيو آهي. سچ ته هي آهي ته اهو سندس هڪ معجزاڻو ڪرشمو آهي جنهن وڏن وڏن فاتحن ۽ مذهبي اڳواڻن کي هيٺ ڪري ڏيکاريو."

## حوالا:

(۱) قرآن مجيد: پاره: ۲۱، سورت الاحزاب، آيت: ۲۱

(۲) محمد رمضان ڦلپوٽو، مولانا: پيارو پيغمبر ﷺ پراون جي نظر ۾، مدرسه عربيه مظهر العلوم حماديه، کهڙا، گمبٽ، ضلع خيرپور ميرس، ۱۹۹۳ع، ص: ۳۶۱ تا ۳۶۲

(۳) اقتدار احمد/ محمد رمضان ڦلپوٽو: هفتيوار نداء خلافت، ۱۵ نومبر ۱۹۹۳ع، ص:۱۷

(۴) محمد رمضان ڦلپوٽو، مولانا: پيارو پيغمبر ﷺ پراون جي نظر ۾، مدرسه عربيه مظهر العلوم حماديه، کهڙا گمبٽ، ضلع خيرپور ميرس، ۱۹۹۳ع، ص:۲۷۷ تا ۲۷۸

(۵) ڪلياڻ آڏواڻي: شاهه جو رسالو، سر ڏهر، داستان: چوٿون، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ۱۹۹۳ع، ص: ۳۶۲

(۶) قرآن مجيد: پاره:۶، سورت المائده، آيت:۳

(۷) پاڻ سڳورن ﷺ جن جيڪو دستور ڏنو آهي ان دستور جا ماخذ آهن: سيرت ابن هشام (طبع يورپ) ص:۳۴۱ تا ۳۴۳، سيرت ابن اسحاق (ترجمهٔ فارسي، مخطوطه پارس) ورق:۱۰۱، ڪتاب الاصول مؤلفه ابو عبيد قاسم بن سلام (طبع مصر) فقره ۵۱۷، البدايه والنهايه مؤلفه ابن ڪثير، جلد۳، ص:۲۲۴ تا ۲۲۶، ابن ابي خيثمه (بحواله سيرت ابن سيدالناس) مذڪوره ڪتابن کان علاوه متن جا اقتباسات هيٺين ڪتابن تان پڻ ورتا ويا آهن، جيڪي هن ريت آهن: سنن ابي دائود، ڪتاب:۱۹، باب:۲۱، مسند احمد بن حنبل، جلد۱، ص:۲۷۱، جلد۲، ص:۲۰۴، جلد۳، ص:۲۴۲، تاريخ طبري (طبع يورپ) ص:۱۲۶۲، ۱۳۵۹، لغت لسان العرب: مؤلفه ابن منظور تحت ماده پاڻي "بدر، وسع، عقب، عقل، فرح، وتغ"، طبقات ابن سعد، جلد۱، ص:۱۷۲، ايضاً: محمد حميد الله، ڊاڪٽر: *عهد نبوی ميں نظام حکمرانی*، اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي، ۱۹۸۱ع، ص:۹۹ يا ۱۰۵

(۸) محمد طفيل صارم، نظامي: نقوش محمد رسول الله ﷺ نمبر، جلد۳، ص:۳۹۳